# کر تياري هلڻ جي

## 15 Shab-e-Barat 1446H

### شبِ براءت اجتماع جو بيان

(For Islamic Brothers)



### شبِ براءت اجتماع جو بيان

**13 فيبروري 2025ع (بمطابق 15 شعبان، 1446ھ (خميس ۽ جمع جي وچ واري رات))**

# ڪر تياري هلڻ جي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... سِرَ جي نصيحت
- ... جسم سلامت رکڻ وارا عمل
- ... دنيا قاتل ڪپڙي مثل آهي
- ... قبر جي وحشت دور ڪرڻ وارا 8 عمل

## پيشڪش

**اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

**ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)**

***For Feedback***: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطّار، قسط : 2، صفحه : 28، حديث پاڪ نمبر28 آهي :

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم : اِنَّ لِلّٰهِ مَلَكًا لَهٗ جَنَاحَانِ اَحَدُهُمَا بِالْمَشْرِقِ وَالْاٰخَرُ بِالْمَغْرِبِ فَاِذَا صَلَّى الْعَبْدُ عَلَيَّ حُبًّا اِنْغَمَسَ فِي الْمَاءِ ثُمَّ يَنْتَفِضُ فَيَخْلُقُ اللهُ مِنْ كُلِّ قَطْرَةٍ تَقْطُرُ مِنْهُ مَلَكًا يَسْتَغْفِرُ لِذٰلِكَ الْمُصَلِّي عَلَيَّ اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ۔

**ترجمو** : اللہ پاڪ جو هڪ فرشتو آهي، جنهن جي هڪ ٻانهن اوڀر ۾ آهي ۽ ٻي اولهه ۾. جڏهن ڪو شخص محبت سان مون تي درود موڪليندو آهي ته اهو فرشتو پاڻيءَ ۾ ٻُڀي هڻي پنهنجا پَرَ ڇَنڊيندو آهي، اللہ پاڪ ان جي پَرَن مان ٽِمَندڙ هڪ هڪ ڦڙي جي عيوض هڪ هڪ فرشتو پيدا ڪندو آهي، جيڪي قيامت تائين ان درود پڙهڻ واري لاءِ استغفار ڪندا رهندا آهن. (1)

نامِ حضرت پہ لاکھ بار درود
بے عدد اور بے شمار درود
ہم کو پڑھنا خدا نصیب کرے
دم بدم اور بار بار درود

1...القول البديع، صفحه:122۔

جو مُحِبِّ نبی ہے اے کافیؔ! | چاہیے اس کو بار بار درود (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي اڇو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو ته! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويهندس ۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! جمعي جي رات آهي ۽ ان سان گڏوگڏ شبِ برات به آهي. يعني اڄ جي رات ۾ هي ٻئي فضيلتون گڏ ٿي ويون آهن. جمعي جي رات به وڏي فضيلت واري رات آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جمعي رات (يعني خميس ۽ جمعي جي وچين رات) شروع ٿيڻ کان ختم ٿيڻ تائين الله پاڪ دنيا جي آسمان تي تجلي فرمائيندو آهي ۽ هڪ ملائڪ کي حڪم ڏيندو آهي: ۞ آهي ڪو گهرڻ وارو ته مان ان کي عطا ڪريان؟ ۞ آهي ڪو توبهه ڪرڻ وارو ته مان ان جي توبهه قبول ڪيان؟ ۞ آهي ڪو بخشش جو طلبگار ته مان ان کي بخشي ڇڏيان؟ اي نيڪي ڪرڻ وارا! (نيڪي جي ڪم ۾) جلدي ڪر، ۽ اي گناهه ڪرڻ وارا! (گناهه ڪرڻ کان) باز اچي وڃ.[3]

يعني هر جمعي جي رات خاص طور تي گناهه ڇڏڻ، نيڪين تي سَندِرو ٻڌڻ ۽ الله پاڪ جي حضور حاضر ٿيڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي. اهڙي طرح شبِ برات

1...ديوانِ کافی، صفحہ:23۔
2...بخاری، کِتَاب بَدْءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔
3...كتاب النزول للدار قطنی،ذكر الراوية عن امير المؤمنين علی...الخ،صفحہ: 92،حديث:3۔

بابت بہ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ : جڏهن شعبان جي وچين (يعني 15 پندرهين) رات اچي تہ ان رات قيام (يعني عبادت) ڪيو ! ڏينهن جوروزو رکو ! بيشڪ ان رات سج لهڻ سان ئي الله پاڪ پنهنجي شان جي مطابق آسمانِ دنيا تي تجلي فرمائيندو آهي ۽ ارشاد فرمائيندو آهي: ۞ اَلَا مِنْ مُسْتَغْفِرٍ لِیْ فَاَغْفِرَ لَہٗ آهي ڪو مون کان معافي گهرڻ وارو تہ مان ان کي معاف ڪري ڇڏيان؟ ۞ اَلَا مُسْتَرْزِقٌ فَاَرْزُقَہٗ آهي ڪو روزي گهرڻ وارو تہ مان ان کي رزق عطا ڪيان؟ ۞ اَلَا مُبْتَلًی فَاُعَافِیَہٗ آهي ڪو پريشان حال تہ مان ان جي پريشاني دور ڪيان؟ آهي ڪو اهڙو؟ آهي ڪو اهڙو؟ طلوعِ فجر تائين اهو اعلان ٿيندو رهندو آهي [1]

کِشتِ اُمّید پہ ہے فَضلِ خُدا آج کی رات
ہر طرف چھائی ہے رحمت کی گھٹا آج کی رات

کس قدر جوش پہ ہے حق کی عطا آج کی رات
پائیں گے سارے طلب سے بھی سِوا آج کی رات

مغفرت ڈھونڈتی پھرتی ہے گنہ گاروں کو
مہرباں کتنا ہے بندوں پہ خُدا آج کی رات

کوئی محروم نہ رہ جائے زمیں پر سائل
آسمانوں سے یہ آتی ہے صدا آج کی رات

هڪ شاعر لکيو آهي :

آئی شَبِ براءَت، یہ ہے برکتوں کی رات
لطف وکرم کی رات ہے، یہ رحمتوں کی رات

بارانِ فضل ہوتا ہے اس شب کو ہر گھڑی
خوش بخت ہے جسے ملی یہ عظمتوں کی رات

جو چاہتے ہو، تم کو کرے گا خدا عطا
اس کی عنایتوں کی ہے یہ نعمتوں کی رات

غم کا علاج آج کی شب دستیاب ہے
یہ جاں فزاہیں ساعتیں، یہ فرحتوں کی رات

کرلو مرض کے واسطے رب سے دُعا بھی
یہ ہے شفا کی رات، یہ ہے راحتوں کی رات

دامن بڑھاؤ مانگ لو خیراتِ مغفرت
اے عاصیو! ہے جلوہ نما رافتوں کی رات

راضی کرو تمام جو ناراض تم سے ہیں
صلح وصفا کی رات ہے، یہ قُربتوں کی رات

---

1...ابن ماجہ، كتاب اقامة الصلاة والسنة فيها، باب ما جاء فی ليلة...الخ، صفحہ:225، حديث:1388۔

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان تي ڪيڏيون نہ ڪرم نوازيون آهن...!! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! اسان گنهگارن جي بخشش لاءِ اسان کي بار بار موقعا فراهم ڪيا ويندا آهن ۞ شبِ برات اچي وئي، نجات جي رات آهي. هن رات ۾ بَنُو ڪَلۡب (عرب جي قبيلن ۾ سڀني کان وڌيڪ ٻڪريون پاليندڙ) جي ٻڪرين جي وارن جي برابر ماڻهن کي دوزخ کان آزاد ڪيو ويندو آهي ۞ اڳيان اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! رمضان شريف اچي ويندو، رمضان شريف ۾ روزانو هزارين گنهگارن جي بخشش ٿيندي آهي ۞ وري اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! شبِ قدر بہ اچي ويندي، اهڙي بابرڪت رات، جيڪا مغرب کان وٺي فجر تائين سلامتي ئي سلامتي آهي، ان رات ۾ فرشتا لهندا آهن، اُن هڪ رات جي عبادت هزار مهينن جي عبادت کان بهتر آهي. ايئن ئي هي موقعا اسان جي لاءِ ايندا ئي رهندا آهن، يعني اسان محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمتين لاءِ بخشش ۽ مغفرت جا دروازا هميشہ کليل ئي رهندا آهن، ڪاش ! اسان انهن موقعن جو قدر ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! انهن بابرڪت راتين جو صحيح معنيٰ ۾ قدر ڪيون، سچي پڪي توبهہ ڪري، گناه ڇڏي، نيڪين لاءِ تيار ٿي رحمتِ الٰهي جا حقدار بڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

مغفرت کا ہوں تجھ سے سُوالی
پھیرنا اپنے دَر سے نہ خالی

مجھ گنہگار کی اِلتجا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

نارِ دوزخ سے مجھ کو اماں دے
مغفرت کر کے باغِ جِناں دے

کر دے رَحمت مری اِلتجا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے (1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سِرَ جي نصيحت

علّامہ قرطبي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام وڏا عالم ٿي گذريا آهن انهن هڪ سبق آموز ۽ انتهائي عبرتناڪ واقعو لکيو آهي، جيڪو اکيون کولڻ وارو آهي پاڻ لکن ٿا :

1...وسائل بخشش، صفحہ:136 ملتقطًا۔

اڳين امتن جي ڳالهه آهي، هڪ شخص هو، جنهن کي ٻه پٽ هئا موت تہ اچڻو ئي اچڻو آهي، هڪ وقت آيو تہ ان جو انتقال ٿي ويو. هن پنهنجي وراثت ۾ هڪ گهر ڇڏيو.

عام طور تي ٿيندو تہ ايئن ئي آهي تہ ناهڻ وارو تہ ناهي هليو ويندو آهي پر ان جا پوئيوار وراثت تي جهيڙا ڪندا آهن (ايئن نہ ڪرڻ گهرجي، وراثت جي تقسيم پيار ۽ محبت سان شريعت جي مطابق ڪرڻ گهرجي) خير! ان شخص جا ٻئي پٽ انهيءَ گهر جي وراثت متعلق پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا جڏهن انهن جو پاڻ ۾ تڪرار هلي رهيو هو تہ الله پاڪ انهي گهر ۾ لڳل هڪ سِرَ کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا ڪئي ۽ سِرَ چوڻ لڳي: يَاهٰذَانِ فِيمَاتَتَنَازَعَانِ ؟ اي پائرو! پاڻ ۾ ڪهڙي ڳالهه تي وِڙهي رهيا آهيو؟ (مون کان منهنجي ڪهاڻي ٻڌو!)

مان هڪ بادشاهه هئس، سالن جا سال مان حڪومت ڪندو رهيس. پوءِ موت مون کي فنا ڪري ڇڏيو (منهنجا پيارا پيارا ڳلَ، سهڻيون سهڻيون اکيون، طاقتور جسم، مضبوط ٻانهون، منهنجون هڏيون، مطلب تہ) منهنجو وجود ڳري ۽ سڙي مٽيءَ ۾ ملي ويو. هڪ هزار سالن تائين منهنجي مٽي برباد رهي آهي، پوءِ هڪ ڪُنڀَر (يعني مٽيءَ جا ٿانوَ ناهيندڙ) منهنجي دفن واري جاءِ تان مٽي ڪٽي منهنجي وجود جي مٽي مان هڪ پيالو ناهيو، هاڻي منهنجي جسم جي مٽي پيالي جي صورت ۾ استعمال ٿيندي رهي وقت گذرندو رهيو سالن کان پوءِ پيالو بہ ٽٽي پيو، مٽي ٻيهر مٽيءَ ۾ ملي وئي پوءِ هڪ شخص ان مٽي مان سِرَ ناهي ۽ هِن گهر ۾ لڳايو ويو، جڏهن انجام اهڙو آهي تہ پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي جهيڳڙو ڪري رهيا آهيو؟ (1)

ڪہاں تختِ خُسرو! ڪہاں طاقِ کِسریٰ
ملے خاک میں سینکڑوں مسند آراء
مٹے ناميوں کے نشاں کیسے کیسے؟

محلِّ اِقامت کا اُن کے پتا کیا؟
نہ گورِ سکندر رہے نہ قبرِ دارا
زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے؟

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...التذكرة للقرطبى، باب ما جاء ان للموت سكرات، صفحه:24۔

# مِٽيءَ جو انجام به مِٽي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ عبرت جي ڳالھ آهي! ۞ اڄ اسان ڏاڍائي ڏيکاريندا آهيون ۞ هٿن ۾ طاقت آهي ۞ کوپڙي ۾ دماغ آهي ۞ رڳن ۾ رت جاري آهي ۞ ماڻهو انهن شين تي فخر ڪندا آهن ۞ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندا آهن ۞ ڪاوڙ جو اظهار ڪندا آهن ۞ غرور، تڪبر، خودپسندي ۽ اهڙين ڪيترين ئي آفتن ۾ مبتلا رهندا آهن ۞ آئيني جي سامهون اچڻ تہ هٽڻ تي دل ئي نہ ڪندي آهي ۞ پنهنجي ئي سيلفي ناهي بار بار ڏسي دل خوش ڪندا رهندا آهن. افسوس ! جلد ...!! تمام جلد، ملڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام تشريف وٺي ايندو ۞ ساهہ اٽڪي پوندو، روح هڪ جهٽڪي سان نڪرندو، آخري هڏڪي ايندي، اکيون چِت سان لڳي وينديون ۽ اسان فنا ٿي ويندا سين. افسوس ! اسان نہ ٿا ڄاڻون تہ اسان جي مٽي ڪاڏي ويندي؟ ڪهڙي هوا اسان جي مِٽي کي اُڏائي ڪيڏانهن کڻي ويندي...؟ حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڏا وليُ اللّٰه ٿي گذريا آهن، پاڻ پنجابي زبان ۾ نصيحت آموز شعر بہ لکندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اسان کي سمجهائيندي فرمائن ٿا :

| | |
|---|---|
| ويکھ فريدا...!! مِٹّی کھلّی | مِٹّی اُتےّ مِٹّی ڈُلّی |
| مِٹّی ہَسّے، مِٹّی رووے | انْت مِٹّی دا مِٹّی ہووے |
| نہ کَر بَندِیا مَیری مَیرِی | نہ تَیری نہ مَیری |
| چار دِناں دا مِیلہ دُنیا | فیر مِٹّی دِی ڈَھیری |

وضاحت: يعني اي فريد ....!! ڏس! مٽي جي قبر کُلي، مٽي جو نهيل ٻانهو ان ۾ لَٿو، مٽي جي لاش مٿان مٽي وڌي وئي، افسوس! هي مٽي جو ئي ماڻهو آهي جيڪو خوشي ۾ ماپي ئي نٿو، مصيبت جي وقت شڪايتون ڪندو آهي، روئندو آهي، واويلا ڪندو آهي پر...!! افسوس! ماڻهو ڪجھ بہ ڪري، مٽي جو انجام مٽي ئي آهي. اي ٻانها! منهنجو منهنجو نہ ڪر! منهنجي زمين، منهنجو مال، منهنجي ملڪيت، منهنجي گاڏي، منهنجو مانُ مرتبو، منهنجي زندگي وغيره وغيره، اهڙيون ڳالهيون ڪري آڪڙ نہ ڏيکار! هيءَ دنيا ۽ هن ۾ جيڪو ڪجھ

آهي اهو نہ تنهنجو آهي نہ منهنجو آهي. هي دنيا چئن ڏينهن جي آهي، آخرڪار مٽي جي ڍيري يعني قبر بڻجندي ۽ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويندو.
الله پاڪ اسان جي مٽي کي محفوظ فرمائي ! اچو تہ گڏجي دعا ڪريون

مٹی نہ ہو برباد پسِ مرگ الٰہی | جب خاک اُڑے میری مدینے کی ہوا ہو

ڪاش! اها سعادت نصيب ٿي وڃي جو مرڻ ڪان بعد جڏهن قبر ۾ لاٿو وڃي تہ اسان جي مٽي برباد نہ ٿئي، ڪاش! مديني جي هوا اسان جي مٽي کي اُڏائي حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ آڻي ڦٽو ڪري.

## قيامت جي ڏينهن اٿاريو ويندو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي دنيا اڄ جيئن اسان کي نظر اچي رهي آهي، خشڪي هِن هنڌ کان هُن هنڌ تائين آهي، ڦلاڻي جڳهہ تي درياهہ آهي، ڦلاڻي جاءِ تي سمنڊ آهي ۞ شايد اڄ کان هزارين سال پهريان اها ايئن نہ هئي ۞ هتي نہ ڄاڻ ڪير ڪير دفن آهي ۞ ڪيترائي اهڙا آهن جن جو نالو نشان بہ باقي نہ رهيو آهي، افسوس! عنقريب اسان کي بہ هن دنيا مان وڃڻو آهي۞ اڄ کان شايد هڪ بہ صديون بعد اسان جو بہ ڪو نالو نشان موجود نہ هوندو ۞ ممڪن آهي اسان جي قبرن جا نشان بہ مٽجي چڪا هجن ۞ شايد هڪ سئو سالن کان بعد اسان جي گهرن ۾ اسان جي جاءِ تي ڪو ٻيو آباد هوندو ۞ اسان جي ملڪيت ڪنهن ٻئي جي نالي تي هوندي، جيئن اڄ مثال طور ۞ اسان جا اَبا ڏاڏا، پَڙ ڏاڏا وغيرهہ دنيا ۾ واپس اچي وڃن تہ اسان انهن کي سڃاڻي بہ نہ سگهنداسين ۞ ايئن ئي اسان جا پُٽَ پوٽا، پَڙپوٽا وغيره اسان کي نہ سڃاڻندا ۞ جئين اڄ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي وساري چڪا آهيون، اسان جي ڏاڏن، پَڙَ ڏاڏن وغيرهہ جون شڪليون بہ اسان جي وهم و گمان ۾ نہ آهن ۞ بلڪل اهڙي طرح اسان جون شڪليون بہ اسان جي ايندڙ نسلن جي گمان ۾ نہ هونديون. افسوس ! موت اچي ويندو، قبر جي ڍيري ٻڻجي ويندي ۞ پوءِ آهستي آهستي هوائون انهن قبرن جا نشان بہ مٽائي ڇڏينديون. ان کان بہ وڌيڪ عبرت جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ قصو اِتي ئي تمام نہ ٿو ٿئي بلڪ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ هن وِکريل خاڪ کي گڏ ڪري ٻيهر

مُردَن کي زندهه ڪندو، پوءِ هر هڪ کي پنهنجن عملن جو حساب ڏيڻو پوندو. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ مِنْهُمْ ۚ

(پاره:26، سورۂ ق:4)

ترجمو ڪنزالعرفان: اسان ڄاڻون ٿا جيڪو ڪجهه زمين انهن مان گهَٽائيندي آهي.

يعني مُردَن جي جسم جا جيڪي حصا جهڙوڪ گوشت، رت ۽ هڏا وغيره جيڪي زمين کائي ويندي آهي، انهن مان ڪا به شيءِ الله پاڪ کان ڳُجهي ناهي. الله پاڪ انهن جي بدن جي هڪ هڪ حصي بابت ڄاڻي ٿو، انهن جي جسم جو ڪهڙو حصو وِکرجي ڪيڏانهن هليو ويو، ڪهڙي شيءِ ۾ ملي ويو، الله پاڪ کي ان جو علم آهي، قيامت جي ڏينهن اُنَ وکريل مٽي کي ٻيهر گڏ ڪري جسم ٺاهيو ويندو ۽ روح وجهي زندهه ڪيو ويندو. [1]

## هڪ هڏي باقي رهندي آهي

حديثِ پاڪ ۾ آهي: انسان جي هر شيءِ ڳري ويندي، ڪرنگهي جي هڏي مان هڪ حصو (جيڪو خوردبين(يعني مائيڪرواسڪوپ) سان به نظر ناهي ايندو، جنهن کي عَجَبُ الذَّنْب چيو ويندو آهي) نه ڳرندو، انهيءَ مان قيامت جي ڏينهن مخلوق کي ٻيهر زندهه ڪيو ويندو. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قدرتن وارو آهي، هي زمين، آسمان، چنڊ، سج، تارا، وڻ، پٿر وغيره سڀ ڪجهه ان ئي پيدا ڪيا آهن، هو انهن کي ٻيهر بنائڻ تي به قادر آهي. اسان پهريان نه هئاسين، هُن اسان کي پيدا فرمايو، وَري اسان فنا ٿي ويندا سين، فنا به اهو ئي ڪندو آهي، اهو قدرتن وارو ربّ ڪريم ٻيهر زندهه ڪرڻ جي به قدرت رکي ٿو.

## انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام زندهه آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هيءَ ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام اُهي بلند مرتبي واريون هستيون آهن جو انهن جي پاڪ جسمن کي

---

1...صراط الجنان، پاره:26، سورۂ ق، زيرِ آيت:4، جلد:9، صفحہ:456۔

2...بخاری، کتاب التفسیر، باب يَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّورِ فَتَأْتُوْنَ أَفْوَاجًا ، صفحہ:1271، حديث:4935۔

زمين کي بہ نقصان ناهي پهچائي سگهندي، حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَنْ تَاْكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَآءِ يعني بيشڪ الله پاڪ نبين جي جسمن کي نقصان پهچائڻ زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي.[1] هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْاَنْبِيَآءُ اَحْيَآءٌ فِيْ قُبُوْرِهِمْ يُصَلُّوْنَ يعني انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام پنهنجن قبرن اندر زنده آهن ۽ نماز پڙهندا آهن.[2]

امامِ اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

انبیاء کو بھی اَجَل آنی ہے
مگر ایسی کہ فقط آنی ہے
پھر اسی آن کے بعد اُن کی حیات
مثلِ سابق وہی جسمانی ہے

وضاحت: يعني يقيناً انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي بارگاهہ ۾ بہ موت آيو پر انهن جو موت رڳو عارضي (يعني لمحي پر جو) آهي، ان کان پوءِ ڪين بيهر پهريان وانگر زندگي عطا ڪئي ويندي آهي

## ولي بہ زندهہ آهن

انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي صدقي ۽ وسيلي سان ٻيا بہ ڪيترائي ئي خوشنصيب آهن، جن جي جسمن کي زمين نقصان ناهي پهچائيندي مثال طور: ۞ اولياءِ ڪرام جا مبارڪ جسم قبر ۾ سلامت رهندا آهن. ترمذي شريف ۾ آهي: اڳين امتن مان هڪ وليُ الله، جنهن کي ان وقت جي بادشاهہ شهيد ڪيو هو، مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي دورِ خلافت ۾ انهن جي قبر کلي وئي، ماڻهن پنهنجين اکين سان ڏٺو تہ سندن پاڪ جسم بلڪل صحيح سلامت هو. شهيد ٿيڻ وقت جهڙي طرح ان زخم تي هٿ رکيو هو، هاڻي بہ ساڳي طرح رکيل هو جڏهن هٿ هٽايو ويو تہ جسم مان تازو رت جاري ٿي ويو.[3]

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ اولياءِ ڪرام بہ پنهنجي قبرن ۾ زنده هوندا آهن، انهن جا جسم بہ قبرن ۾ سلامت رهندا آهن.

1...ابن ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ...الخ، باب فی فضل الجمعۃ، صفحہ:177، حديث:1085۔
2...مسند بزار، جلد:13، صفحہ:299، حديث:6888۔
3...ترمذی، کتاب تفسیر القران، باب ومن سورۃ البروج، صفحہ:770-771، حديث:3340۔

## جسم سلامت رکڻ وارا عمل

اهڙيءَ طرح حديثِ پاڪ ۾ آهي: ۞ ثواب خاطر آذان ڏيڻ وارو رت ۾ تڙپندڙ شهيد وانگر آهي، ان جي قبر ۾ ڪِيڙا نہ ايندا ۞ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن حافظِ قرآن وفات ڪري ويندو آهي تہ الله پاڪ زمين کي حڪم ڏيندو آهي تہ سندس گوشت نہ کائجان، زمين عرض ڪندي آهي: اي منهنجا ربّ! مان ان جو گوشت ڪيئن ٿي کائي سگهان، جڏهن تہ تنهنجو ڪلام سندس سيني ۾ موجود آهي. (1)

ڪاش! اسان کي بہ اها سعادت نصيب ٿي وڃي. ڪاش! اسان جو جسم بہ قبر ۾ محفوظ رهي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## انسان کي ڇڏيو نہ ويندو....!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان دنيا ۾ آيا آهيون، هتان وڃڻو بہ لازمي آهي، اسانجو مٽيءَ جو جسم هڪ ڏينهن ڀيهر مٽيءَ ۾ ملي ويندو، توڙي جو جسم ڳري سڙي مٽيءَ ۾ ملي وڃن، هوائون خاڪ اڏائي هيڏي هوڏي وکيري ڇڏين، ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ اسان بلڪل وساري ڇڏيا ويندا سين، ايئن ٿيندو جو ڇڻ تہ اسان دنيا ۾ آيا ئي نہ هئاسين، ائين ناهي، اسان اڄ جيڪي هتي ساهہ کڻي رهيا آهيون، جيڪي عمل اسان ڪري رهيا آهيون، اسانجو جسم چاهي قبر جي اندر هجي يا هوائون خاڪ اڏائي وکيري ڇڏين، جتي هونداسين، برزخ جو معاملو، اتي، انهيءَ ئي حالت ۾ جاري رهندو. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمِنۡ وَّرَآئِهِمۡ بَرۡزَخٌ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۱۰۰﴾ (پاره:18، سورة مؤمنون:100) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن جي آڏو هڪ رُڪاوٽ آهي ان ڏينهن تائين، جنهن ڏينهن انهن کي اٿاريو ويندو. |

يعني موت کان وٺي قيامت جي ڏينهن اٿڻ تائين جو عرصو برزخ آهي. (2)

۞ اهو وقت مٽي جي اندر گذريو تہ اها قبر آهي ۞ ڪنهن کي شينهن (*Lion*) وغيره چيري ڦاڙي کائي ڇڏيو تہ اها ان جي قبر آهي ۞ ڪو سمنڊ ۾ ٻڏي مري

1...فردوس الاخبار، جلد:1، صفحہ:168، حديث:1119۔

2...بهارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:98، حصّہ:1 بتصرف قليل۔

ويو تہ اها ئي قبر سمجهي ويندي ۞ مطلب تہ مرڻ کان بعد انسان جتي بہ آهي ۞ جهڙي بہ حالت ۾ آهي، اللّٰه پاڪ اها قدرت رکي ٿو تہ ان کي ان جي عملن جي جزا يا سزا ڏي ۽ جزا يا سزا جو اهو معاملو بلڪل حق ۽ سچ آهي.[1]

آخرت کی فکر کرنی ہے ضرور | جیسی کرنی، ویسی بھرنی ہے ضرور
عمر اک دن یہ گزرنی ہے ضرور | قبر میں میت اترنی ہے ضرور

## صندوق ۾ باهہ پڙڪي اُٿي

چون ٿا: هڪ بادشاهہ هو، ان جو جڏهن آخري وقت آيو تہ ان پنهنجن پٽن کي گهرائي هڪ عجيب وصيت ڪئي، چوڻ لڳو: جڏهن مان مري وڃان تہ لوهي تابوت ٺهرائجو، پوءِ منهنجي لاش کي ان تابوت ۾ رکي ڪري هڪ لوهي صندوق ۾ وجهي ڇڏجو، پوءِ ان صندوق کي دفن نہ ڪجو بلڪ هڪ ڪمري ۾ ڇت سان لٽڪائي ڇڏجو تہ جيئن مان قبر جي عذاب کان محفوظ رهان (يعني ان جو مقصد هي هو تہ نہ مان قبر ۾ لهندُس، نہ ان جي تنگي ۽ وحشت جو منهن ڏسڻو پوندو، نہ ئي قبر ۾ عذاب سهڻو پوندو)

پٽن وصيت تي عمل ڪيو، جڏهن بادشاهہ جو انتقال ٿي ويو تہ لوهي تابوت ٺهرايو ويو، ان جي اندر بادشاهہ جو لاش رکي، ان تابوت کي لوهہ جي هڪ وڏي صندوق ۾ رکيو ويو، پوءِ ان صندوق کي زنجير وغيره جي ذريعي ڪمري ۾ لٽڪائي ڪمرو بند ڪيو ويو. هاڻي جڏهن رات ٿي تہ اوچتو ڪمري مان ڪجهہ آوازَ اچڻ لڳا، پٽَ ڪمري ڏانهن ڊوڙيا، دروازو کولي ڏٺائون تہ صندوق لُڏي رهي هُئي، انهن صندوق کي هيٺ لاٿو، کوليائون تہ هي ڏسي حيران ٿي ويا تہ صندوق جي اندر تابوت آهي، ان تابوت جي اندر بادشاهہ جي لاش مٿان هڪ خوفناڪ نانگ ويٺو آهي ۽ ان جي چهري کي ڏنگي رهيو آهي، (ظاهري طور حيران ٿيڻ جي ڳالهہ هئي جو صندوق جي اندر وڃڻ جو ڪو رستو ڪو سوراخ نہ هو، پوءِ بہ اهو نانگ اندر ڪيئن هليو ويو....!! بهرحال!) بادشاهہ جي پٽن ان نانگ کي ٻاهر ڪڍي ماري ڇڏيو، صندوق کي ٻيهر بند ڪيو ۽ ٻهريان وانگر ڪمري ۾ لٽڪائي ڇڏيو.

1...بہارِ شریعت، جلد:1، صفحہ:111-112، حصّہ:1 بتصرف قلیل۔

هيءَ رات تہ جيئن تيئن گذري وئي، اِگين رات بيهر ڪمري مان آواز اچڻ لڳا، پٽن وري ڪمرو کوليو، ڏٺائون تہ صندوق لُڏي رهي آهي، تنهنڪري صندوق لاٿي وئي، هاڻي کولي ڏٺائون تہ پهريان واري نانگ کان بہ وڏو نانگ بادشاهہ جي سيني تي وينو هو، وڏي حيراني ٿي، انهن وري ان نانگ کي ٻاهر ڪڍيو ۽ ماري ڇڏيو، صندوق وري بند ڪري لٽڪائي وئي.

هيءَ ٻي رات بہ جيئن تيئن ڪري گذري وئي ٽِين رات ٿي، ڪمري مان وري آواز اچڻ شروع ٿيا، پٽن دروازو کوليو، صندوق هيٺ لاهي ڪري کولي ڏٺائون تہ (خوف سبب انهن جا هوش خطا ٿي ويا جو) **لوهي صندوق آهي، ان جي اندر هڪ تابوت آهي، ٻاهران صندوق بلڪل صحيح سلامت آهي پر ان تابوت جي اندر خوفناڪ باهہ ڀڙڪي رهي آهي اهو خوفناڪ منظر ڏسي اهي سمجهي ويا تہ قبر جي عذاب کان هرگز ڇوٽڪارو ناهي، تنهنڪري انهن بادشاهہ جي لاش کي باقاعده قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيو.** [1]

بحرِ غفلت یہ تیری ہستی نہیں | دیکھ جنّت اس قدر سستی نہیں
راہ گزر دنیا ہے یہ بستی نہیں | جائے عیش و عشرت و مستی نہیں

ایک دن مرنا ہے، آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن | قبر میں ہوگا ٹھکانہ ایک دن
منہ خدا کو ہے دکھانا ایک دن | اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن

ایک دن مرنا ہے، آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

آخرت کی فکر کرنی ہے ضرور | جیسی کرنی، ویسی بھرنی ہے ضرور

1...سلوة العارفين،جلد: 2، صفحہ: 231۔

عمر اک دن یہ گزرنی ہے ضرور | قبر میں میت اترنی ہے ضرور

ایک دن مرنا ہے، آخر موت ہے

کرلے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

## عالَمِ برزخ دنياوي زندگي جو نتيجو آهي

اي عاشقانِ رسول! عالمِ برزخ ۾ اسان کي قيامت تائين رهڻو آهي، اتي هر هڪ جو نڪاڻو ان جي دنيا ۾ ڪيل عملن جي مطابق هوندو، جيڪو هن دنيا ۾ نيڪ آهي، ان کي برزخ جي زندگي ۾ ۞ عزت ۞ عظمت ۞ ۽ سڪون ۽ راحت سان نوازيو ويندو ۽ جيڪو هن دنيا ۾ ۞ گنهگار آهي ۞ نمازون قضا ڪرڻ وارو آهي ۞ رمضانُ المبارڪ جا روزا ڇڏڻ وارو آهي ۞ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارو آهي ۞ مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ وارو آهي ۞ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مُٺ کان گهٽائڻ وارو آهي ۞ وياج جي ڏيتي ليتي يا ڏنڌي روزگار ۾ دوکو ڪرڻ وارو آهي، برزخ جي زندگي ۾ ان جو حال نهايت بُرو ٿيندو. افسوس! جيڪڏهن اللّٰه پاڪ جي رحمت کان محروم رهجي وياسين ته قبر ۾ باه ۾ پڙڪي سگهي ٿي، نانگ وڇون به اچي سگهن ٿا، اسان جو هي خوبصورت جسم ڪيڙن ماڪوڙن جي خوراڪ به بڻجي سگهي ٿو. اللّٰه پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ مَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِیْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِیْشَةً ضَنْكًا (پاره:16،سورة طٰهٰ:124) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جنهن منهنجي ياد کان منهن ڦيريو پوءِ بيشڪ ان جي لاءِ تنگ زندگي آهي |

صحابيءِ رسول حضرت عبدُ اللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هن آيتِ ڪريمه ۾ تنگ زندگي مان مُراد قبر جو عذاب آهي.[1] يعني ۞ جيڪو هن دنيا ۾ گنهگار آهي ۞ جيڪو اللّٰه پاڪ جي ذڪر کان ۞ قرآن ۽ سنّت کان ۞ نيڪ ڪمن کان ۞ نماز روزي کان منهن موڙي ٿو ان جي لاءِ قبر ۾ تنگ زندگي هوندي.

1... تفسير بغوی، پاره:16،سورة طٰه، زيرِ آيت:124، جلد:3، صفحه:145۔

# قبر جي هولناڪ پُڪار

حضرت عُمَر بن عبد العزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ جنازي سان گڏ تشريف وٺي ويا، تہ ماڻهو اڳتي وڌي ويا ۽ پاڻ پوئتي رهجي ويا، ماڻهو جنازو رکي سندن انتظار ڪرڻ لڳا جڏهن پاڻ پهتا تہ ڪنهن چيو: اي امير المؤمنين! اوهان ڪٿي رهجي ويا هئا ؟ فرمايائون: هاڻي هاڻي هڪ قبر مون کي سڏي چوڻ لڳي: اي عمر بن عبدالعزيز مون کان چو نہ تو پڇين تہ مان پنهنجي اندر اچڻ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪندي آهيان؟ مون ان قبر کي چيو: مون کي ضرور ٻڌاءِ. اها چوڻ لڳي: جڏهن ڪو منهنجي اندر ايندو آهي تہ مان ان جو ڪفن ڦاڙي ان جي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندي آهيان ۞ ان جو رت چوسي ان جو گوشت کائي ڇڏيندي آهيان ۞ ڇا توهان مون کان اهو نہ پڇندؤ تہ مان ان جي سَنڌن سان ڇا ڪندي آهيان؟ مون چيو، ضرور ٻڌاءِ تہ چوڻ لڳي: مان هٿن کي ڪَارائُن کان، ڪارائُن کي ٻانهن جي جوڙ کان، ٻانهن جي جوڙ کي ڪُلهن کان، رانُن کي جَنگهُن کان، جنگهن کي گوڏن کان، گوڏن کي پنين کان ۽ پنين کي پيرن کان جدا ڪري ڇڏيندي آهيان. ايترو چوڻ کان بعد حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ روئڻ لڳا پوءِ فرمايائون: ٻڌو! هن دنيا جي عُمر تمام ٿوري آهي جيڪو گنهگار هن دنيا ۾ عزت وارو آهي آخرت ۾ ذليل ۽ خُوار هوندو، جيڪو مالدار آهي آخرت ۾ فقير هوندو، هِن جو جوان پوڙهو ٿي ويندو ۽ زنده مري ويندو، تنهنڪري دنيا جو توهان ڏانهن اچڻ توهان کي ڌوڪي ۾ نہ وجهي ڇو تہ توهان ڄاڻو ٿا تہ اِها تمام جلد رُخصت ٿيڻ واري آهي. دوکي ۾ پوڻ وارو اهو ئي آهي جيڪو ان کان دوکو کائي. ڪاڏي ويا هن ۾ رهڻ وارا ؟ جن شهر آباد ڪيا، نهرون (شاخون) ڪوٺايون ۽ وڻ لڳرايا، پر ان ۾ تمام ٿورو وقت گذاري سگهيا. انهن کي صحت ۽ تندرستي دوکي ۾ وڌو ۽ چُستي مغرور بڻايو جنهن سبب اُهي گناهن ۾ مبتلا ٿي ويا. خدا جو قسم! اُن مال جي ڪري انهن تي حسرت ڪئي ويندي جيڪو انهن نهايت ڪنجوسي کان بعد حاصل ڪيو ۽ جنهن جي جمع ڪرڻ جي سبب انهن سان حسد ڪيو ويو. سوچيو! مٽيءَ سندن جسمن جو ڇا حال ڪيو؟ قبر جي ڪيڙن انهن جي هڏن ۽ جوڙن سان ڪهڙو حشر ڪيو؟ اُهي دنيا ۾ خوشحالي ۽ سڪون سان

رهندا هئا، نرم ۽ ملائم بسترن تي سمهندا هئا، نوڪر ۽ خادم سندن خدمت ۾ مصروف رهندا هئا، گهر وارا انهن جي عزت ۽ پاڙيسري حمايت ڪندا هئا. جيڪڏهن توهان انهن کي پڪاري سگهو ته اُتان گذرندي ضرور انهن کي پڪارجو ۽ جيڪڏهن اوهان کين سڏي سگهو ته ضرور سڏجو. مُردن جي لشڪرن وٽان لنگهو ته جن گهرن ۾هُو عيش و عشرت سان رهندا هئا انهن جي آسپاس کي به ڏسو. انهن جي مالدارن کان پڇو: توهان وٽ ڪيترو مال بچيو آهي؟ انهن جي فقيرن کان پڇو: توهان جو فقر ڪيترو باقي آهي؟ انهن کان سندن زبانن جي متعلق پڇو جن سان هُو ڳالهيون ڪندا هئا، انهن کان اکين جي باري ۾ پڇو جن سان هُو بدنگاهي ڪندا هئا. انهن کان پڇو ته سنهڙي چمڙي، خوبصورت شڪل، نرم ۽ نازڪ بدن سان ڪيڙن ڪهڙو حشر ڪيو؟ ڪيڙن انهن جو رنگ اڏائي ڇڏيو، گوشت کائي ويا، چهرن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو، خوبصورتي کي ختم ڪري ڇڏيو، ڪرنگهي جي هڏي ٽوڙي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا ۽ جوڙن کي پور پور ڪري ڇڏيو. انهن کان پڇو توهان جا خيما ۽ عورتون ڪيڏانهن ويون؟ خدمتگار ڪيڏانهن ويا؟ غلام ڪٿي آهن؟ جمع ڪيل مال ملڪيت ۽ خزانا ڪٿي آهن؟ الله پاڪ جو قسم! انهن قبر جي لاءِ ڪائي به تياري نه ڪئي، نه ئي ڪو سهارو بڻايو، نه ئي نيڪي جو ڪو ٻوٽو لڳايو، قبر ۾ سڪون ماڻڻ جي لاءِ ڪجهه به نه موڪليو. ڇا هاڻي هُو تنهائي ۽ ويرانين ۾ ناهن پيا؟ ڇا هاڻي انهن لاءِ ڏينهن ۽ رات برابر ناهن ؟ ڇا هاڻي هُو اونداهي قبر ۾ ناهن؟ ها، هاڻي! انهن جي ۽ انهن جي عمل جي وچ ۾ رڪاوٽ وڌي وئي آهي ۽ عزيزن ۽ قريبن کان انهن جي جدائي ٿي وئي آهي. ڪيترن ئي خوشحال مَردن ۽ عورتن جي حالت تبديل ٿي وئي، انهن جا چهرا ڳري سڙي ويا، سندن جسم منديءَ کان جدا ٿي ويا، سندن سَنڌ الڳ الڳ ٿي ويا، انهن جون اکيون ڳلن تي وهي آيون، وات رت ۽ پونءِ سان ڀرجي ويا، انهن جي جسمن ۾ ڪيڙا ماڪوڙا ڦرڻ لڳا، عضوا وکري جدا ٿي ويا، خدا جو قسم! ٿوري ئي عرصي ۾ سندن هڏا سڙي سڪي ويا، باغ باغيچا ڇڏائجي ويا، ڪشادگي کان بعد هُو غربت ۾ وڃي پيا، سندن بيواهن وڃي ٻيا مڙس ڪيا، اولاد گهٽين ۾ دربدر ڌڪا کائي رهيو آهي، عزيزن رشتيدارن انهن جا گهر ۽ ميراث پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيا، خدا جو قسم! انهن مان ڪجهه خوش نصيب

اهي آهن جن جي قبرن ۾ ڪشادگي، رونق ۽ تازگي آهي ۽ هُو قبرن ۾ مزا ماڻي رهيا آهن. اي سياڻي قبر ۾ وڃڻ وارا شخص! توکي دنيا جي ڪهڙي شيءِ دوکي ۾ رکيو؟ ڇا تون اهو سمجهين ٿو تہ هميشہ رهندين يا هيءَ دنيا تنهنجي لاءِ باقي رهندي؟ تنهنجو وسيع گهر ڪاٿي آهي؟ تنهنجا پڪل ميوا ڪيڏانهن ويا؟ تنهنجا سنها باريڪ ڪپڙا ۽ خوشبو ڪاٿي آهن؟ تنهنجن گرمي ۽ سردي جي ڪپڙن جو ڇا ٿيو؟ ڇا تو مرڻ واري کي ناهي ڏٺو تہ جڏهن کيس موت ايندو آهي تہ هُو پاڻ کان گهٻراهٽ پري ناهي ڪري سگهندو، پگهر ۾ ٻڏل رهندو آهي، اُڃ سبب تڙپندو ۽ موت جي سختي ۽ تڪليف سبب پاسا مٽائيندو رهندو آهي. رب ڪائنات جي بارگاهہ مان حڪم اچي چڪو آهي، تقدير جو اَٽل فيصلو ٿي چڪو آهي ۽ اهو اَمر اچي چڪو آهي جنهن کان تون بچي نہ ٿو سگهين. (پوءِ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳا) افسوس! صد افسوس! اي پيءُ، ڀاءُ ۽ پٽ جون اکيون بند ڪري کين غسل ڏيڻ وارا! اي ميت کي ڪفن ڏيڻ ۽ ان کي ڪُٽڻ وارا! اي قبر ۾ اڪيلو ڇڏي موٽي وڃڻ وارا! ڪاش! تون ڄاڻي وٺين ها تہ تون ڪهڙي ۽ سخت زمين ۾ ڪهڙي حالت ۾ هوندين؟ ڪاش تون ڄاڻي وٺين ها تہ تنهنجو ڪهڙو ڳل پهريان ڳرندو؟ اي هلاڪ ڪرڻ وارن ڪمن ۾ گُم رهڻ وارا! تون بہ جلد ئي مُردن سان وڃي گڏ ٿيندين، ڪاش! توکي خبر هجي ها تہ دنيا کان وڃڻ وقت مَلَڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام توسان ڪهڙي حالت ۾ ملندا؟ ۽ منهنجي ربّ جو ڪهڙو پيغام آڻيندا. ان ڪانپوءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اُتان واپس موٽي آيا ۽ هڪ هفتي بعد سندن وصال ٿي ويو. [1]

| | |
|---|---|
| قبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار | مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بیشمار |
| یاد رکھ میں ہوں اندھیری کوٹھڑی | تجھ کو ہوگی مجھ میں سُن وَحشت بڑی |
| میرے اندر تُو اکیلا آئے گا | ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا |
| گُھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا | بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا |
| جب ترے ساتھی تجھے چھوڑ آئیں گے | قبر میں کیڑے تجھے کھا جائیں گے |

1... حلية الاولياء، جلد:5، صفحہ: 295 ، رقم: 7180 ـ

| | |
|---|---|
| قبر میں تیرا کفن پھٹ جائے گا | یاد رکھ نازک بدن پھٹ جائے گا |
| تیرا اک اک بال تک جھڑ جائے گا | خوبصورت جسم سب سڑ جائے گا (1) |

## پنج ويندا آهن ، چار موٽندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان چاهي جيڪو بہ ڪيون، حقيقت کي تسليم ڪيون يا ڄاڻي واڻي ان کان منهن موڙيون، بهرحال اها هڪ اٽل حقيقت آهي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن اسان کي هن دنيا مان وڃڻو آهي ۽ عالَمِ برزخ ۾ پنهنجن عملن سان گڏ رهڻو ئي رهڻو آهي- حديثِ پاڪ ۾ آهي: ميت سان گڏ ٽي شيون وينديون آهن، بہ واپس موٽي اينديون آهن ۽ هڪ ان سان گڏ ئي رهجي ويندي آهي (1): ان جو اهل و عيال (2): ان جو مال (3): ان جو عمل. پوءِ مال ۽ اهل و عيال تہ موٽي ايندا آهن پر ان جو عمل ان سان گڏ ئي رهجي ويندو آهي.[2]

هائے غافِل وه کیا جگه ہے جہاں

پانچ جاتے ہیں چار پھرتے ہیں

وضاحت: افسوس! اي غافل...!! غور تہ ڪر اها ڪيڏي نہ عبرت جي جاءِ آهي، جيڏانهن 5 ويندا آهن، هڪ ميت ۽ 4 ان کي ڪڻڻ وارا، پر اتان موٽي صرف 4 ايندا آهن، ميت کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي.

## ماڻهو غفلت ۾ آهي

صحابيءِ رسول حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **انسان جنهن لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، ان کان غفلت ۾ آهي**. الله پاڪ جڏهن ڪنهن انسان جي تخليق جو ارادو فرمائيندو آهي تہ فرشتي کي حڪم ڏيندو آهي: ان جو رزق لکي ڇڏ! ان جا عمل لکي ڇڏ! ان جو موت لکي ڇڏ! ۽ ان جي نيڪ بختي يا بدبختي بہ لکي ڇڏ! پوءِ اهو فرشتو واپس هليو ويندو آهي ۽ الله پاڪ هڪ ٻيو فرشتو موڪليندو آهي جيڪو ان لکيل کي چڱي طرح محفوظ ڪندو آهي ، پوءِ اهو فرشتو بہ واپس هليو ويندو آهي ۽ الله پاڪ ان ٻانهي تي بہ فرشتا مقرر ڪندو آهي جيڪي ان

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:711-712 ملتقطًا۔

2...بخاری، کتاب الرقاق، باب سکرات الموت، صفحہ:1599، حدیث:6514۔

جون نيڪيون ۽ برائيون لکندا آهن ۽ جڏهن ان جي موت جو وقت ايندو آهي ته اهي فرشتا به پنهنجي جڳهه ڇڏي ڏيندا آهن ۽ مَلَكُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام ان جو روح قبض ڪرڻ اچي ويندو آهي جڏهن ان کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته سندس روح جسم ۾ موٽايو ويندو آهي ۽ قبر جا به فرشتا (يعني منڪر نڪير) ان جو امتحان وٺڻ ايندا آهن، پوءِ اهي به هليا ويندا آهن. پوءِ جڏهن قيامت قائم ٿيندي ته نيڪيون ۽ برائيون لکڻ وارا فرشتا هيٺ لهندا ۽ ان جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڪتاب کوليندا، پوءِ اهي ان کي وٺي اهڙي طرح حاضر ٿيندا جو انهن مان هڪ اڳواڻ هوندو ۽ ٻيو سائق (يعني هلائيندڙ) هوندو. ان کان پوءِ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **يقيناً توهان جي سامهون هڪ وڏو معاملو آهي جنهن جي توهان طاقت نه ٿا رکو، تنهنڪري الله عظيم ۽ اعليٰ کان مدد گهرو.** [1]

عمل کا ہو جذبہ عَطا یا الٰہی! گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی!
میں پانچوں نمازیں پڑھوں با جماعت ہو توفیق ایسی عطا یا الٰہی! (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو هرگز نه سوچجو ته جڏهن موت ايندو، قبر ۾ لاٿو ويندو، تڏهن ئي ڏٺو ويندو، نه ...!! نه! موت کي پري نه سمجهو! موت بس اچڻ ئي وارو آهي، ڪهڙي خبر اسان سڀاڻي جو سج به ڏسي سگهنداسين يا نه ...!! موت جي متعلق هي جيڪي ڳالهيون ڪيون وينديون آهن، ٿي سگهي ٿو ته اسان اڃان ڪيترائي سال زنده رهون ۽ اهو به ممڪن آهي ته اسان سڀاڻي ئي قبر جي حوالي ٿي وڃون.

## هي جنازو ڪنهن جو آهي ...؟

حضرت اَبُودَرْداءَ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جيڪي مشهور صحابي آهن، هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته ڪٿان کان ڪو جنازو گذري رهيو هو، حضرت اَبُو دَرْداءَ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به جنازي سان گڏ وڃي رهيا هئا، ايتري ۾ هڪ شخص جنازي ۾ شريڪ ٿيو، عام طور تي ائين ٿيندو آهي جو جنازو گذرندو ڏسي ماڻهو پڇندا آهن ته هي ڪنهن جو جنازو آهي؟ ان نئين شخص به پڇيو: مَنْ هٰذَا يعني هي ڪنهن جو جنازو آهي؟ حضرت اَبُو

---

1... حلية الاولياء، جلد:3، صفحه:221، رقم:3775 ملتقطًا۔
2... وسائلِ بخشش، صفحه:102۔

دَرْداءَ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نصيحت ڪندي فرمايو: هٰذَا اَنْتَ فَاِنْ كَرِهْتَ فَاَنَا، يعني هي تنهنجو جنازو آهي ۽ جيڪڏهن توکي هيءُ ڳالهه بري لڳي آهي ته ائين چئه ته هي منهنجو (يعني ابُو دَرْداءَ جو) جنازو آهي. اَللّٰه پاڪ فرمائي ٿو: [1]

اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ ﴿۳۰﴾

(پاره:23، سورهٔ زُمر:30)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ توکي انتقال ڪرڻو آهي ۽ هنن کي به مرڻو آهي.

مطلب هي آهي ته، اي انسان! هي جنازو ڪنهن جو آهي، ان جو فڪر ڇڏي ڏي...!! اهو سوچ ته جلد ئي تون ۽ مان به اهڙي طرح موت جي حوالي ٿي ويندا سين، اسان کي به اهڙي طرح غسل ڏنو ويندو، ڪفن پارايو ويندو ۽ اهڙي طرح چئن ڪلهن تي کڻي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو.

موت کا دیکھو اعلان کرتا ہوا
سُوئے گورِ غریباں جنازہ چلا
کہتا ہے، جامِ ہستی کو جس نے پیا
وہ بھی میری طرح قبر میں جائیگا

تم اے بوڑھو سنو! نوجوانو سنو!
اے ضَعیفو سنو! پہلوانو سنو!
موت کو ہر گھڑی سر پہ جانو سُنو
جلد توبہ کرو میری مانو سنو!

جس کا سنسار میں ہو گیا ہے جنم
رب کی ناراضیوں سے بچے دم بہ دم
ورنہ پچھتائے گا قبر میں لاجَرَم
ہو گا برزخ میں رنج اُس کو دوزخ میں غم

فلم بِینی کا تم مَشغَلہ چھوڑ دو
سارے آلاتِ لَہو ولَعِب توڑ دو
بھائیو! سب گناھوں سے منہ موڑ دو
ناتا تم نیکیوں ہی سے بس جوڑ دو

ایک دن موت آکر رہے گی ضَرور
اس کو تم مجرِمو! کچھ سمجھنا نہ دور
بعدِ مُردَن نہ پاؤگے کوئی سُرور
ایسے ہو جائے گا خاک سارا غُرور(2)

---

1...تنبيہ الغافلين، باب الحزن فی امر الاخرة، صفحہ:321۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:654۔

## دنيا جو مثال ڦاٽل ڪپڙي جھڙو آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڳالھ واقعي سچي آھي، اسان اڄ جنازا کڻندي ڏسندا آھيون، ماڻھن کي قبرن ۾ لھندي ڏسندا آھيون، قبرستان جي آبادي لڳاتار وڌي رھي آھي، اسان سان گڏ رھڻ وارا، گڏ اٿڻ ويھڻ وارا ھڪ ھڪ ڪري دنيا مان روانا ٿي رھيا آھن، وقت اسان وٽ بہ گھڻو ناھي، موت بس اچڻ ئي وارو آھي- اسان جي آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَثَلُ هَذِهِ الدُّنْيَا مَثَلُ ثَوْبٍ شُقَّ مِنْ أَوَّلِهِ إِلَى آخِرِهِ يعني ھن دنيا جو مثال ھڪ ڪپڙي وانگر آھي ۽ ڪپڙو بہ اھڙو جيڪو شروع کان آخر تائين ڦاٽل آھي، فَبَقِيَ مُتَعَلِّقًا بِخَيْطٍ فِي آخِرِهِ فَيُوشِكُ ذَلِكَ الْخَيْطُ أَنْ يَنْقَطِعَ بس آخر ۾ رڳو ھڪ ڌاڳي سان اٽڪيل آھي، ويجھو آھي تہ اھو ڌاڳو بہ ٽٽي وڃي.(1)

ڪنھن شاعر ڏاڍي خوبصورت منظر ڪشي ڪئي آھي:

اِک یہ جہاں، اِک وہ جہاں، دونوں جہاں کے درمیاں
ہے فاصلہ اک سانس کا، گر آگئی تو یہ جہاں، گر رُک گئی تو وہ جہاں

اھا صرف ھڪ ڏوري ئي تہ آھي، بلڪل مختصر ڏوري، ڪمزور ڏوري ...!! ڪجھ گھڙيون آڪسيجن نہ ملي تہ ساھ گھُٽجڻ لڳندو آھي، اٽڪڻ لڳندو آھي، بس اھا ڏوري ٽٽڻ جي دير آھي، ماڻھو دنيا کان رخصت ٿي ويندو آھي، دنيا جي اھا ئي حقيقت آھي.

## معاملو جلدي ڪرڻ جو آھي

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عمرو رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ھڪ ڏينھن مان ۽ منھنجو والد صاحب پنھنجي مٽيءَ سان ٺھيل ڪچي گھر جي مرمت ڪري رھيا ھئاسين تہ اتان رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو گذر ٿيو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: مَاهَذَا يَا عَبْدَ الله؟ اي عبد الله! ھي ڇا پيا ڪيو؟ عرض

---

1... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:332، حدیث:122۔

ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان جو ڪچو گهر ڪجهه ڪمزور ٿي ويو هو، ان جي مرمت ڪري رهيا آهيون. پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلۡاَمۡرُ اَسۡرَعُ مِمَّا تَرَوۡنَ يعني اي عبد الله! معاملو ته انهيءَ ڪان به وڌيڪ جلديءَ وارو آهي. [1]

هي تعليمِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي، اسان گهرن جي مرمت ۽ تعمير وغيره ڪندا ئي رهندا آهيون، اهو جائز به آهي، پر پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توجهه ڏياري ته اي عبد الله! هن مٽيءَ جي گهر جو فڪر اٿئي، ان جي مرمت ڪري رهيو آهين، ٿي سگهي ٿو ته ان جي ڪمزور ٿي ڪِري پوڻ ڪان پهريان ئي توکي موت اچي وڃي، هي گهر هتي ئي رهجي وڃي ۽ تون قبر ۾ پهچي وڃين ...! تنهنڪري گهر جي مرمت پنهنجي جاءِ تي، پر ان ڪان وڌيڪ ضروري آخرت جي تياري آهي.

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں
سامان سو برس کا ہے، پَل کی خبر نہیں
کُوچ ہاں! اے بے خبر ہونے کو ہے
کب تلک غفلت..! سحر ہونے کو ہے

## قبر جي وحشت ڪان بچائڻ وارا 8 ڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي عالمِ برزخ ۾ راحت ۽ آرام نصيب ٿئي، قبر ۾ اسان جو جسم ڳرڻ ۽ سڙڻ ڪان محفوظ رهي، قبر روشن هجي، اتي جي اڪيلائي ۽ گهبراهٽ ڪان حفاظت ملي، ان جي لاءِ فَقِيہ ابوالليث سمرقندي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ٻانهي کي گهرجي ته 4 ڪم اختيار ڪري ۽ 4 ڪمن ڪان پاسو ڪري. جيڪو ايئن ڪندو، اهو (الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان) قبر جي اڪيلائي ۽ گهبراهٽ ڪان بچي ويندو.

4 ڪم جيڪي اختيار ڪرڻا آهن: (1): نماز (2): صدقو (3): قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ (4): ذڪرالله جي ڪثرت

4 ڪم جن ڪان بچڻو آهي: (1): ڪوڙ (2): خيانت (3): چغلي (4): پيشاب جا ڇنڊا. [2]

1...آداب للبيهقی، باب البناء، صفحہ:290، حديث:879۔
2... تنبيہ الغافلين،صفحہ:19۔

## قبر ۾ ڪم ايندڙ پهريون نيڪ عمل: نماز

اهي عمل جيڪي قبر ۾ ڪم ايندا، انهن مان پهريون عمل آهي: نماز، الله جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو نماز جي لاءِ بهتر طريقي سان وضو ڪري، وقت تي نماز ادا ڪري، رڪوع ۽ سجدا خشوع ۽ خضوع سان ادا ڪري، الله پاڪ جي ڪرم جي ذمي آهي ته الله پاڪ ان جي مغفرت فرمائي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز تمام اعليٰ عبادت آهي ۞ نماز دين جو ٿنڀ آهي ۞ نماز پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اکين جو ٺارُ آهي ۞ نماز بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضري جو ذريعو آهي ۞ نماز مومن جو معراج آهي ۞ نماز قربِ اِلٰهي جو وسيلو آهي ۞ نمازي کي الله پاڪ جي مدد ۽ نُصْرت ملندي آهي ۞ نماز گُناهه مٽائي ٿي ۞ نماز رُوح کي قرار ڏيندي آهي ۞ نماز ظاهر ۽ باطن کي سنواريندي آهي ۞ نماز رزق ۾ برڪتون آڻيندي آهي ۞ نماز قبر ۾ ڪم ايندي ۞ نماز قبر جي گهبراهٽ ۽ عذابِ قبر کان بچائيندي.

هر عبادت سے بَرتَر عبادت نَماز ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز ہے مریضوں کو پیغامِ صِحّت نَماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ رب سے دلوائے گی تم کو جنَّت نَماز
پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نَماز
بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیے آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز

اچو! نيت ڪيون ته اڄ کان پوءِ اسان جي ڪا به نماز قضا نه ٿيندي، اسان پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪنداسين، خُدانخواسته پهريان جيڪڏهن ڪا نماز قضا ٿي آهي ته اها به جلد کان جلد ادا ڪنداسين- اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم

1...ابوداؤد ، کتا ب الصلاۃ ، با ب المحا فظۃ علی وقت الصلوات،صفحہ:82،حدیث:425۔

## قبر ۾ ڪم اچڻ وارو ٻيو نيڪ عمل: صدقو

اي عاشقانِ رسول! قبر جي اونداهي کي روشني ۾ ۽ قبر جي وَحشت کي امن ۽ سڪون ۾ بدلائڻ وارو ٻيو عمل آهي: صدقو ۽ خيرات- الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ فرمان آهي: اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَلٰى اَهْلِهَا حَرَّ الْقُبُوْرِ بيشڪ صدقو قبر جي گرمي کي ٺڌو ڪندو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! قبر جي گرمي ۽ قبر جي وحشت کان بچڻ لاءِ صدقي ۽ خيرات جي عادت اختيار ڪيو! بيشڪ صدقو (يعني راهِ خُدا ۾ ڪجھ ڏيڻ) وڏي فضيلت وارو ڪم آهي ۞ صدقو برائين جا دروازا بند ڪندو آهي ۞ صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي ۞ صدقو گُناهن کي ايئن مٽائيندو آهي جيئن پاڻي باھ کي وسائيندو آهي ۞ صدقو بلائن کي ٽاريندو آهي ۞ صدقو عمر ۾ برڪت جو سبب آهي ۞ صدقو بُري موت کان بچائيندو آهي ۞ صدقو الله پاڪ جي غضب کي ٺڌو ڪندو آهي ۞ صدقو ڪرڻ سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۞ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ سان غربت ختم ٿيندي آهي ۞ صدقو رحمتِ اِلٰهي ماڻڻ جو ذريعو آهي- تنهنڪري اچوڪي بابرڪت رات ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي سٺي نيت بہ ڪري وٺو! زڪوات فرض ٿيندي هجي تہ پُوري زڪوات ادا ڪرڻ جي نيت ڪيو، صدقهء فطر (يعني فطرو) ڏيڻ جي نيت ڪيو، ان کان علاوه نفلي صدقا بہ ڪرڻ گهرجن، جيڪي ويچارا غريب آهن، آمدني گهٽ آهي، انهن کي بہ گهرجي تہ ڪجھ نہ ڪجھ صدقو ضرور ڪن، چاهي هڪ روپيو ئي ڪن، بهرحال صدقو ڪرڻ ئي گهرجي.

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه!

۞ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي.

1... شُعَبُ الايمان، باب الزکاة،جلد:3،صفحہ:212،حديث:3347۔

۞ تقريباً 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات *(Specialization)*، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا پيا وڃن. ۞ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) جي طلبا جو تعداد 5 لک 30 هزار کان وڌيڪ آهي. ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هن وقت تائين تقريباً 74 هزار 887 مدارس المدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد تقريباً 4 لک 26 هزار کان وڌيڪ آهي. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي ذريعي تقريباً 24 هزار طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ۞ هن وقت تائين تقريباً 21 دارالافتاء اهلسنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد هر ماهه اوسطاً 20 هزار آهي. ۞ المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو وڃي ٿو، اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي. هن شعبي ۾ ڪيترائي مدني عالِمَ سڳورا خدمت انجام ڏئي رهيا آهن، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي. ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مڪتبة المدينہ قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتابَ ۽ رسالا مفت ۾ ورهائڻ) جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ ڪتاب وڪرو بہ ڪيا وڃن ٿا ۞ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوریٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ذمّيدارَ موجود آهن. ۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ لاءِ ملڪ اندر ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن تہ جيئن اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن. ۞ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي، ۞ پرنٽ ميڊيا (۾

ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 7 وڏين ٻولين ۾ شائع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ماهوار رسالو آهي)، ۞ سوشل ميڊيا (جهڙوڪ يوٽيوب *(Youtube)*، فيس بُڪ *(Facebook)*، انسٽاگرام *(Instagram)* وغيره) تي تقريباً 100 اڪائونٽ موجود آهن، جن تي تقريباً 50 ملين *(Million)* يعني 5 ڪروڙ فالورز آهن، جڏهن تہ ويوز جو تعداد بلينز *(Billions)* يعني 100 ڪروڙ کان بہ وڌيڪ ٿي چڪا آهن- ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪدز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي- ۞ آءِ ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين 32 **موبائل ايپلي ڪيشن** ۽ 40 **اسلامي ويب سائيٽس** لانچ ڪيون ويون آهن ۞ سموري دنيا جي مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف جو شعبو قائم آهي، جنهن تحت هن وقت تائين: ۞ 34 لک 16 هزار 673 کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا آهن ۞ تقريباً 76 لک 82 هزار 958 ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي ۞ 5 هزار 566 گهر تعمير ڪيا ويا آهن ۞ 75 هزار 721 خون جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين 61 هزار 667 کان وڌيڪ مريض علاج لاءِ اچي چڪا آهن-

توهان بہ خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یا اللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قبر ۾ ڪم اچڻ وارو ٿيون نيڪ عمل: قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ

اي عاشقانِ رسول! قبر ۾ ڪم ايندڙ نيڪ عملن مان ٽيون نيڪ عَمَل آهي: تِلاوتِ قرآنِ ڪريم ۞ قرآنِ ڪريم الله پاڪ جو ڪلام آهي ۞ تِلاوتِ قرآن سان رحمت ملي ٿي ۞ تِلاوت جي برڪت سان مصيبت ٽري وڃي ٿي ۞ تِلاوت جي برڪت سان غم دور ٿيندا آهن ۞ تِلاوت ڪرڻ سُنّتِ مُصطفيٰ آهي ۞ تلاوت ڪرڻ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُم جو طريقو آهي ۞ تِلاوت قيامت جي هولناڪي ڪان بچائي ٿي ۞ تِلاوت جي برڪت سان قبر روشن ٿئي ٿي.

## عاشقِ قرآن جي چاڳالهہ ڪجي

منقول آهي تہ حضرتِ ثابِت بُناني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ روزانو هڪ قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا. پاڻ هميشہ ڏينهن جو روزو رکندا هئا ۽ سڄي رات قِيام (عبادت) ڪندا هئا، جنهن مسجد وٽان لنگهندا هئا ان ۾ بہ رڪعتون (تَحِيَّةُ المسجِد) ضرور پڙهندا هئا. نماز ۽ تِلاوت سان ڪين خصوصي محبت هئي، ان جي برڪت سان متن اهڙو تہ ڪرم ٿيو جو رشڪ اچي ٿو، منقول آهي: جڏهن بہ ماڻهو سندن مزارِ پُرانوار جي پرسان گذرندا هئا تہ قبر مبارڪ مان تلاوتِ قرآن جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. (1)

جَبِيں ميلي نہيں ہوتی دَھن ميلا نہيں ہوتا ۔۔۔ غلامانِ مُحمّد کا کفن ميلا نہيں ہوتا

پيارا اسلامي ڀائرو! نيت ڪيو تہ قبر جي وحشت ۽ تنهائي ڪان بچڻ ۽ نيڪيون ڪمائڻ جي لاءِ اسان بہ تِلاوتِ قرآن ڪنداسين. رمضان المبارڪ بہ اچڻ وارو آهي، هن ڀيري رمضان المبارڪ ۾ مڪمل قرآنِ ڪريم پڙهڻ جي نيت ڪيو! بلڪ هڪ ڇو؟ 5 قرآنِ ڪريم ختم ڪيو! امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ رمضان المبارڪ ۾ 61 قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا- جنهن ڪان ٿي سگهي رمضان المبارڪ ۾ وڌ ڪان وڌ تِلاوت ڪندو رهي. اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم برڪتون ئي برڪتون ملنديون، رمضان المبارڪ اچڻ ڪان پهريان بہ تِلاوت ڪرڻي آهي، اڄ ڪان ئي تِلاوت شروع ڪريو.

---

1... حلية الاوليا ،جلد:2،صفحه:364 و366 ، ملتقطاً ۔

الله پاڪ اسان سيني کي توفيق بخشي، ڪاش! قرآن ۽ تِلاوتِ قرآن سان اهڙي محبت ٿي وڃي جو سڀ فضوليات ڇڏي ڏيون ۽ اسان بس قرآن ئي جا ٿي وڃون.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم-

یہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے | تلاوت کرنا میرا کام صبح و شام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نمازِ تراويح جي فضيلت

پيارا سلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! رمضان المبارڪ جي آمد آمد آهي، روزن، سحري ۽ افطاري سان گڏوگڏ تراويحن جون بہ بهارون هونديون. حفاظِ ڪرام نمازِ تراويح ۾ قرآنِ ڪريم پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪندا ۽ خوشنصيب عاشقانِ رسولِ قرآنِ ڪريم ٻڌي ثواب ڪمائيندا. الله ڪريم اسان کي خير و عافيت سان رمضان تائين پهچڻ نصيب فرمائي. اسان روزا بہ رکون، تلاوت بہ ڪيون ۽ خوب ذوق ۽ شوق سان نمازِ تراويح بہ ادا ڪيون. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو رمضان ۾ ايمان سان ۽ ثواب جي طلب جي لاءِ قيام ڪري (مثلاً تراويح پڙهي)، ان جا گذريل (صغيره) گناهہ بخشيا ويندا.[1] هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ الله پاڪ رمضان جا روزا توهان تي فرض ڪيا ۽ مون توهان جي لاءِ رمضان جي قيام کي سنت قرار ڏنو آهي تنهنڪري جيڪو شخص رمضان ۾ روزا رکي ۽ ايمان سان ۽ حصولِ ثواب جي نيت سان قيام ڪري (يعني تراويح پڙهي) تہ اهو پنهنجي گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن ولادت جي ڏينهن ان کي ان جي ماءُ ڄڻيو هو.[2]

**ياد رکو تہ!** تراويح مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ سنت مؤڪده آهي تنهنڪري ان ۾ هرگز سستي نہ ڪئي وڃي.[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1...مسلم، كتاب صلاة المسافرين، صفحہ:275، حديث:759۔
2...نسائی، كتاب الصيام ، صفحہ:369، حديث:2207۔
3...بہارِ شریعت، جلد:1، صفحہ:688، حصّہ:4۔

## قبر ۾ ڪم اچڻ وارو چوٿون نيڪ عمل: الله جو ذڪر ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! فقيہ ابو الليث سمر قندي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه قبر ۾ ڪم ايندڙ جيڪي 4 عمل ٻڌايا آهن، انهن مان چوٿون عمل آهي: ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ- هي بہ تمام پيارو، وڏي فضيلت وارو نيڪ عَمَل آهي- اسان جي آقا و مولىٰ، مُحَمَّد مُصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن بہ ماڻهو ذِڪرُ الله جي لاءِ گڏ ٿيندا آهن تہ ملائڪ انهن کي گهيري وٺندا آهن. الله پاڪ جي رحمت انهن کي پنهنجي پاڪر ۾ وڪوڙي ڇڏيندي آهي ۽ انهن تي سڪينہ نازِل ٿيندو آهي. [1]

ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ جا گهڻا فائدا آهن ۞ ذِڪر جي ڪثرت سان دِل ۾ نُور پيدا ٿيندو آهي ۞ ڪثرتِ ذِڪر سان خُدا جو قرب ملندو آهي ۞ ڪثرتِ ذِڪر سان گُناه متجندا آهن ۞ ڪثرتِ ذِڪر انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي سُنّت آهي ۞ ڪثرتِ ذِڪر سان دِلين جو زنگ صاف ٿيندو آهي ۞ ڪثرتِ ذِڪر سان دُنيا ۾ امن ملندو آهي ۞ ۽ ڪثرتِ ذِڪر سان قبر روشن ٿيندي آهي.

| | |
|---|---|
| کاش لب پر مرے رہے جاری | ذکر آٹھوں پہر ترا یاربّ! |

## قبر ۾ نقصان ڏيڻ وارا 4 عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! هي 4 نيڪ عمل(نماز، صدقو، تلاوت ۽ ذِڪرُ الله جي ڪثرت، هي اهي عمل آهن جيڪي) قبر ۾ ڪم ايندا آهن، قبر روشن ڪندا آهن ۽ قبر جي عذاب کان بچائيندا آهن. فقيہ ابو الليث سمر قندي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي بيان مطابق 4 بُرا عمل اهي آهن جيڪي قبر جي عذاب جو سبب آهن، جيڪو قبر ۾ سلامتي جو خواهش مند آهي، ان تي لازِم آهي تہ هر گناهہ کان ۽ بالخصوص هنن 4 گُناهن کان لازمي بچندو رهي.

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ ڪُوڙَ کان بچو!

انهن مان پهريون برو عَمَل آهي: **ڪوڙ**- صادِق و امين نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪوڙ گُناهہ ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ گُناهہ جهنّم ۾ وڃڻ جو

---

1...مسلم، ڪتاب الذڪر و الدعا ، باب فضل الاجتماع على تلاوة ، صفحہ:1039، حديث:2700-

سبب آهي- بيشڪ ٻانهو ڪوڙ ڳالهيندو رهندو آهي، ايستائين جو الله پاڪ جي نزديڪ ڪذاب (سڀ کان وڏو ڪوڙو) لکيو ويندو آهي-(1)

ڪوڙ جي تعريف، ان جي مثالن ۽ عذابن متعلق معلومات ڄاڻڻ جي لاءِ شيخ طريقت اميراهلسنت جو رسالو نالي ڪوڙو چور جو مطالعو ڪيو.

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ خيانت کان بچو!

قبر ۾ نقصان ڏيڻ وارو هيو بُرو عَمَل آهي: خيانت. يعني ڪنهن جي رکيل امانت ۾ ناجائِز (طريقي سان) خُرد بُرد ڪرڻ يا امانت واپس نہ ڪرڻ. حضرت مجاهد رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ کان روايت آهي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّیاللّٰہُعَلَیۡہِوَاٰلِہٖوَسَلَّم فرمايو: ڌوڪو ۽ خيانت باه ۾ آهي، ڌوڪو ڏيڻ ۽ خيانت ڪرڻ مومن جا اَخلاق نہ آهن. (2)

جو دُکا ئیں خِیانت سے چمکائیں گے!
کیا اُنہیں زَر کے اَنبار کام آئیں گے؟
قہرِ قہّار سے کیا بچا پائیں گے؟
جی نہیں، نارِ دوزخ میں لے جائیں گے
مالِ دنیا ہے دونوں جہاں میں وبال
آئیگا قبر میں ساتھ ہر گز نہ مال (3)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ چغلي کان بچو!

قبر جي عذاب جو سبب بڻجڻ وارو ٽيون گُناه چغلي آهي. فساد ڪرائڻ جي لاءِ هڪ شخص جي ڳالهه ٻئي تائين پهچائڻ کي چغلي چئبو آهي. (4) الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّیاللّٰہُعَلَیۡہِوَاٰلِہٖوَسَلَّم فرمايو: چغل خوري ڪرڻ وارن کي الله پاڪ (قيامت جي ڏينهن) ڪتّن جي شڪل ۾ اُٿاريندو. (5)

مجھے غیبت و چغلی و بدگمانی
کی آفات سے تُو بچا یا اِلٰہی!

---

1... بخاری ، کتاب الادب،صفحہ:1515، حدیث:6094۔
2... الجامع لابن وہب، صفحہ:587، حدیث:487۔
3... وسائلِ بخشش،صفحہ:655۔
4... شرح مسلم للنووی،جلد:1، صفحہ:12۔
5...الجامع فی الحدیث، باب العزلۃ، صفحہ:534، حدیث:428۔

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ پاڪيزه رهو!

قبر ۾ نقصان پهچائڻ وارو چوٿون بُرو عَمَل آهي: پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچڻ- الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: **اڪثر ڪري قبر جو عذاب پيشاب (جي ڇنڊن کان نہ بچڻ) جي ڪري ٿيندو آهي-** [1]

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان کي قبر جي عذاب کان محفوظ فرمائي- عالَمِ برزخ ۾ راحت ۽ آرام حاصل ڪرڻ لاءِ، قبر جي تنگي ۽ وَحشت کان بچڻ جي لاءِ اسان ڪُل 8 ڪم ٻُڌا. انهن مان 4 ڪم اختيار ڪرڻا آهن: (1): نماز جي پابندي ڪرڻي آهي (2): صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي عادت بڻائڻي آهي (3): ڪثرت سان تِلاوت ڪرڻي آهي ۽ (4): ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻي آهي. ۽ 4 ڪمن کان بچڻو آهي: (1): ڪوڙ ناهي ڳالهائڻو (2): خيانت ناهي ڪرڻي (3): چغلي خوري کان بچڻو آهي ۽ (4): پيشاب جي ڇنڊن کان بچڻو آهي. هي 8 ڪم ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم الله پاڪ جي رحمت سان عذابِ قبر کان محفوظ ٿي وينداسين. الله پاڪ اسان سڀني تي رحم فرمائي! ڪاش! اڄ جي بابرڪت رات ۾ اسان سڀئي بخشش ۽ مغفرت جي خيرات ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون-

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

خطاؤں کو میری مٹا یا اِلٰہی! مجھے نیک خصلت بنا یا اِلٰہی!
تجھے واسطہ سارے نبیوں کا مولیٰ مِری بخش دے ہر خطا یا اِلٰہی!

## رمضان جي روزن جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! ڀيهر رمضان المبارڪ جي آمد آهي، نيڪين جي موسمِ بهار اچڻ واري آهي. اچو تہ ! ترغيب جي لاءِ رمضان المبارڪ جي روزن ۽ اعتڪاف جون ڪجهه فضيلتون ٻڌي ونون ٿا: مختلف روايتن جي مطابق.

1...ابن ماجۃ،کتاب الطہارۃ ،باب التشدیدفی البول،صفحہ:69،حدیث:348۔

۞ روزيدار جو سمهڻ عبادت آهي. ۞ روزيدار جي دعا ۾ عمل مقبول آهي. ۞ روزيدار جي لاءِ ملائڪ سڄ لهڻ تائين مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن ۞ روزيدار جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن. ۞ روزيدار کي الله پاڪ جنتي ميوا کارائيندو ۞ روزيدار کي الله پاڪ جنتي شراب سان سيراب ڪندو ۞ روزيدار جي لاءِ قيامت جي ڏينهن سون جو دسترخوان لڳايو ويندو ۞ روزيدار جو روزو ان جي گذريل گناهن جو ڪفارو بڻجي ويندو ۞ روزيدار جي چهري کي الله پاڪ جهنم کان 70 سال جي مسافت جيترو پري ڪري ڇڏيندو.[1] جيڪو نادان ڪنهن شرعي مجبوري جي بغير رمضان جو روزو ڇڏي ٿو اهو سخت گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي، روايتن جي مطابق جيڪو بغير شرعي عذر جي رمضان شريف جو هڪ روزو ڇڏي ڏي تہ هاڻي جيڪڏهن سڄي عمر بہ روزا رکندو رهي تڏهن بہ اُن ڇڏيل هڪ روزي جي فضيلت نٿو ماڻي سگهي.[2] الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي پنهنجي قهر ۽ غضب کان بچائي. رمضان المبارڪ جا سيئي روزا خوش دلي سان، ذوق ۽ شوق سان رکڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اعتڪاف جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ سموري دنيا ۾ هزارين جاين تي اجتماعي اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي، اعتڪاف گناهن کان بچڻ ۽ ماهِ رمضان نيڪين ۾ گذارڻ جو بهترين ذريعو آهي، هاڻي کان ئي سڄو مهينو يا گهٽ ۾ گهٽ آخري ڏهه ڏينهن جي اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيت ڪري ڇڏيو ۞ مسلمانن جي امي جان ام المؤمنين حضرت عائشه صديقہ، طيبہ، طاهره رَضِیَ اللهُ عَنْها کان روايت آهي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان

---

1...فيضان رمضان ، صفحہ:84تا86 ماخوذاً۔

2...فيضان رمضان ، صفحہ:88 تا89 ماخوذاً ۔

گناهه بخشيا ويندا.[1] ﷺ هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جنهن رمضان المبارڪ ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو اهو ايئن آهي جڻ ان 2 حج ۽ 2 عمرا ڪري ورتا.[2]

پاڪستان ۾ هن سال 29 جاين تي پوري رمضان المبارڪ مهيني جو اجتماعي اعتڪاف ٿيندو. توهان به پنهنجي شهر جي ذميدارن کان ان جي معلومات حاصل ڪري اعتڪاف جو فارم جمع ڪرايو.

آئیں گی سنّتیں جائیں گی شامتیں — دینی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
تم سدھر جاؤ گے، پاؤ گے برکتیں — دینی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
فضلِ رب سے ہدایت بھی جائے گی مل — دینی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
مرضِ عصیاں سے چھٹکارا چاہو اگر — دینی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
مان بھی جاؤ عطّار کی التجا — دینی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
ہو گا راضی خدا خوش شہِ انبیا — دینی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف (3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: درس

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ جي هن پُر فتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ امت کي نيڪ بڻائڻ جي ڪوشش ۾ رُڌَل آهي، توهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب جوش ۽ جذبي سان عملي طور حصو وٺندا رهو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: درس به آهي. درس ڏيڻ يا ٻڌڻ نيڪ اعمال (رسالي) مان هڪ عمل به آهي توهان به ان ۾ شرڪت ڪندا ڪريو!

1...جَامِع صغير، صفحه:516، حديث:8480.
2...جَامِع صغير، صفحه:516، حديث:8479.
3...وسَائِلِ بخَشش، صفحه:639-645 ملتقطاً.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ۞ علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو ۞ ايتري دير مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو ۞ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ نصيب ٿيندو ۞ گهر کان ئي درس ۾ شرڪت جي نيت ڪري نڪرنؤ ته راهِ علمِ دين ۾ هلڻ جو ثواب ملندو ۞ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مخلوق، ايسيتائين جو درياءَ جون مڇيون به دعا ڪنديون.

هوٽل جي زينت بڻجڻ وارو نوجوان

حيدرآباد، سنڌ جو مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجو واقعو هيئن بيان ڪري ٿو: مان گناهن ۾ ايتري قدر ڦاٿل هيس جو مون کي پنهنجي زندگي جي قيمتي گهڙين جي برباد ٿيڻ جو بلڪل احساس نه هو، معمول مطابق ان ڏينهن به مان هوٽل ۾ موجود هيس ۽ ٽي وي تي هلڻ واري فلمي منظرن ۾ گم هيس ته ايتري ۾ سنتن ڀريو لباس پاتل هڪ اسلامي ڀاءُ منهنجي ويجهو آيو ۽ گرم جوشي سان مصافحو ڪرڻ کان بعد چوڻ لڳو: پيارا ڀاءُ ٻاهر چوڪ درس ٿي رهيو آهي. اوهان ڪجھ منٽ عطا فرمايو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم ڪوڙ سارين نيڪين جو خزانو هٿ ايندو. مان ان جي خوش اخلاقي ۽ ملنساري کان متاثر ٿي هتو هٿ ان سان گڏ هلي پيس. هوٽل جي ٻاهران هڪ اسلامي ڀاءُ فيضان سُنت مان درس ڏئي رهيو هو، ٻين اسلامي ڀائرن جيان مان به درس ٻڌڻ ۾ مشغول ٿي ويس، درس ٻُڌي منهنجي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿيو ۽ مون سچي دل سان توبھ ڪئي ۽ اسلامي ڀائرن جي صحبت اختيار ڪئي، جنهن جي بدولت ڪڏهن سُنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت، ته ڪڏهن مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر نصيب ٿيڻ لڳو. آهستي آهستي مان ديني ماحول جي ويجهو ٿيندو ويس، آخرڪار هوٽلن جي زِينَت بڻجڻ وارو نوجوان درس جي برڪت سان اڄ اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول سان گڏ مسجد ۾ راتيون گذارڻ وارو بڻجي ويو. [1]

عطائے حبیبِ خدا مدنی ماحول
ہے فَیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول

سَنور جائے گی آخرت ان شاءَاللّٰہ
تم اپنائے رکھّو سدا مدنی ماحول (2)

1...ميں نے ويڈيو سينٹر کيوں بند کيا، صفحہ:12 ملخصًا۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:646 ملتقطاً۔

نوٽ: هاڻي "مدني ماحول" جي بدران "ديني ماحول" اصطلاح استعمال ڪيو وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز (Prayer Times) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام اوقاتِ نماز (Prayer Times) جاري ڪئي آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ مقام جي اوقات ۽ سمتِ قبلہ معلوم ڪري سگهجن ٿا ۞ هن کان علاوه پنج نمازن جي وقتن بابت ماهوار ٽائم ٽيبل ۞ اذڪار (روحاني علاج) ۞ مدني چينل ريڊيو ۞ نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (Silent) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي- پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن انسٽال ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلان

۞ هر هفتي ۾ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتي وار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي ۾ پڻ مدني چينل تي عشاء کان پوء (تقريباً 8:30 منٽن تي) اِنْ شَآءَالله هفتي وارو مدني مذاڪره ٿيندو، جنهن ۾ اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب پڻ ڏيندا. تمام ذمّي دار ۽ عاشقانِ رسول کي درخواست آهي تہ هن مدني مذاڪري ۾ خود شرڪت ڪن ۽ ٻين کي پڻ ان ۾ شرڪت جي دعوت ڏين. ۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت هر هفتي ۾ هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ "**بي نمازي جون سزائون**" تي مشتمل رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو، ٻين کي بہ ان جي پڙهڻ جي ترغيب ڏيو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الهي ۽ ثواب

لاءِ هي رسالو پين تائين شيئر ڪيو. ۞ شعبان شريف، الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو آهي. هن مهيني جي فضيلت، برڪات ۽ عبادتن جي باري ۾ معلومات لاءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ رسالو "آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو" ۽ قبرستان وڃڻ جي آداب تي مشتمل رسالو "قبر وارن جون 25 حڪايتون" تحرير فرمايو آهي. توهان اهي رسالا ترتيبوار 26 ۽ 17 روپين ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا، پاڻ به پڙهو ۽ پين ڪي به ان جي ترغيب ڏيو.

امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر سال شعبان شريف ۾ "فيضان رمضان" مڪمل پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي. سيئي اسلامي ڀائر هن ڪتاب کي پڙهڻ جي نيت ڪري وٺن، مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان 660 روپين ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري سگهو ٿا، پين کي به ان جي ترغيب ڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمان جي قبر تي وڃڻ سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شَبِ بَرَاءَت جي رات قبرستان جي حاضري مسلمانن جو معمول آهي، تنهن ڪري بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي، قبرستان وڃڻ جا آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. اچو! پهريان فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا: ابنِ ماجہ جي حديثِ شريف آهي: الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: كُنْتُ نَهَيْتُكُمْ عَنْ زِيَارَةِ الْقُبُوْرِ، فَزُوْرُوْهَا فَإِنَّهَا تُزَهِّدُ فِي الدُّنْيَا، وَتُذَكِّرُ الْآخِرَةَ يعني مون اوهان کي قبرن جي زيارت کان روڪيو هو، هاڻي قبرن جي زيارت ڪندا ڪريو، چو ته بيشڪ قبرون ڏسڻ دنيا کان بي رغبتي پيدا ڪري ٿو ۽ آخرت جي ياد ڏياري ٿو.[1]

اي عاشقانِ رسول! مسلمان جي قبر تي وڃڻ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۽ اولياءِ ڪرام ۽ شهداءِ عظام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه م جي مزارن تي حاضري ڏيڻ

---

1...ابن ماجہ ،ڪتاب جنائز ، باب ماجاء في زيارة القبور، صفحہ: 252، حديث:1571۔

سعادت ئي سعادت آهي. انهن پاڪ هستين کي ايصالِ ثواب ڪرڻ پسنديده ۽ ثواب وارو ڪم آهي. [1] ۞ قبرستان ۾ اهڙيءَ طرح ويهو جو قبلي طرف پٺ ۽ قبر وارن جي چهري طرف مُنهن هجي، پوءِ حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل طريقي موجب هن ريت سلام ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ اَنْتُمْ سَلَفُنَا وَنَحْنُ بِالْاَثَرِ يعني اي قبر وارؤ! توهان تي سلامتي هجي، الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهريان اچي ويا ۽ اسان توهان کان بعد اچڻ وارا آهيون. [2] ۞ قبرستان ۾ داخل ٿي هيءَ دعا پڙهي وجي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ الْاَجْسَادِ الْبَالِيَةِ وَالْعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِیْ خَرَجَتْ مِنَ الدُّنْيَا وَهِیَ بِكَ مُؤْمِنَةٌ اَدْخِلْ عَلَيْهَا رَوْحًا مِّنْ عِنْدِكَ وَسَلَامًا مِّنِّی (ترجمو: اي الله! اي ڳري وڃڻ وارن جسمن ۽ متجي ويندڙ هڏين جا رب! جيڪي دنيا مان ايمان جي حالت ۾ رخصت ٿي ويا تون انهن تي پنهنجي رحمت فرماءِ ۽ انهن کي منهنجو سلام پهچاءِ)

شَرۡحُ الصُّدُوۡر ۾ آهي: جيڪو شخص قبرستان ۾ داخل ٿي هيءَ دعا پڙهي ته حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان وٺي دعا پڙهڻ جي وقت تائين جيترا به مسلمان وفات ڪري چُڪا آهن سيئي دعا پڙهندڙ لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندا. [3] ۞ جيڪڏهن قبر وٽ ويهڻ چاهيو ته صاحبِ قبر جي مرتبي جو لحاظ رکندي با ادب ويهو ۞ قبرن جي زيارت لاءِ هي 4 ڏينهن بهتر آهن : سومر، خميس، جمعو، ڇنڇر.[4] ۞ جمع جي ڏينهن نمازِ فجر کان پوءِ زيارتِ قبور افضل آهي. [5] ۞ رات جو اڪيلو قبرستان نه وڃڻ گهرجي. [6] بابرڪت راتين خصوصاً شَبِ بَرَاءَت ۾ زيارتِ قبور افضل آهي. [7] اهڙي طرح بابرڪت ڏينهن مثلاً عيدالفطر، عيدالاضحيٰ 10 محرم،

---

1...فتاوٰی رضويہ ،جلد: 9، صفحہ: 532۔
2...ترمذی، کتاب :جنائز، صفحہ: 275حديث 1053۔
3... شَرحُ الصّدُور،الباب الثامن و الثلاثون...الخ، صفحہ:160۔
4... عا لمگيری،کتاب الکراہيۃ، الباب السادس عشر فی زيارۃ القبور...الخ،جلد:5، صفحہ:430۔
5...فتاوٰی رضويہ، جلد: 9، صفحہ: 523۔
6...فتاوٰی رضويہ، جلد: 9، صفحہ: 523۔
7... عا لمگيری،کتاب الکراہيۃ، الباب السادس عشر فی زيارۃ القبور...الخ،جلد:5، صفحہ:430۔

۾ ذوالحج جي ابتدائي 10 ڏينهن ۾ به زيارتِ قبور افضل آهي. [1] ۞ قبر جي مٿان اگر بتي نه ٻارجي، ڇو ته ان ۾ بي ادبي ۽ بدفالي آهي، ها جيڪڏهن حاضرين کي خوشبو پهچائڻ لاءِ لڳائڻ چاهيو ته قبر جي پرسان موجود خالي جڳهه تي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ پسنديده عمل آهي. [2] قبر جي مٿان ڏيئو يا ٻرندڙ موم بتي نه رکو، جيڪڏهن سخت اونداهه هجي، ٽارچ يا موبائل جي روشني موجود نه هجي، سرڪاري بتيون به نه هجن يا بند هجن ۽ رات جي اونداهي ۾ گهمڻ ڦرڻ يا ڏسي ڪري قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جي لاءِ روشني گهربل هجي ته قبر جي هڪ پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهجي ٿو جڏهن ته اها خالي جڳهه اهڙي نه هجي جتي اڳ ۾ قبر هئي پر هاڻي مٽجي چڪي آهي. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(4)

---

8... عالمگيری،کتاب الکراہیۃ، الباب السادس عشر فی زیارۃ القبور ... الخ ،جلد:5، صفحہ:430۔

2...فتاوٰی رضویہ، جلد: 9صفحہ: 525-483ملخصاً۔

3... قبر والوں کی 25 حکایات، صفحہ:47۔

4... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَ سَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گُناهَ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[3]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## ﴿6﴾ دُرُود شفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... القول البديع، الباب الاول، ص2125

[2]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[3]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[4]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455